# خوفناڪ جادوگر

رحمة الله تعالیٰ علیه

## ۽ خواجه غريب نواز جون ٻيون حڪايتون




شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـاني ءِ دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ

دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

# خوفناڪ جادوگر

رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

## ۽ خواجہ غريب نواز جون پيون حڪايتون

### ترجمو پيشڪش

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

فون نمبر: 021-34921389-90-91

E-mail: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# خوفناک جادوگر

## ءِ ٻيون حڪايتون

شيطان ڪيتري ئي سستي ڏياري پر هي رسالو شروع کان آخر تائين مڪمل پڙهو، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ايمان تازو ٿي ويندو ۽ ڪافي وسوسا به دور ويندا.

## دُرود شريف جي فضيلت

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عن العيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان حقيقت نشان آهي: توهان جي ڏينهن مان سڀ کان افضل جمعي جو ڏينهن آهي. انهيءَ ڏينهن حضرت سيدنا آدم صَفِيُّ الله (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) پيدا ٿيا، انهيءَ ڏينهن سندن مبارڪ روح قبض ڪيو ويو، انهيءَ ڏينهن صور ڦوڪيو ويندو ۽ انهيءَ ڏينهن هلاڪت طاري ٿيندي، تنهن ڪري ان ڏينهن مون تي درود پاڪ جي ڪثرت ڪندا ڪريو ڇوته اوهان جو درود پاڪ مون تائين پهچايو ويندو آهي.صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: ”يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جي وصال کان پوءِ درود پاڪ اوهان تائين ڪيئن پهچايو ويندو؟“ ارشاد فرمايائون: ”الله عَزَّوَجَلَّ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي جسمن کي ڪائڻ زمين تي حرام ڪري ڇڏيو آهي.“

(سنن ابي داوُد ج 1 ص 391 حديث 1047)

تُو زندہ ہے واللہ تو زندہ ہے واللہ
مری چشمِ عالم سے چُھپ جانے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفےٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

# ﴿1﴾ خوفناڪ جادوگر

سلسلهءِ عاليه چشتيه جا عظيم پيشوا خواجهءِ خواجگان، سلطانُ الهند، حضرت سيدنا خواجه غريب نواز حسن سَنجَري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی جن کي مديني پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جي حاضري جي موقعي تي سيد المُرسلين، خاتَم النبيين، جناب رحمةٌ للعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان اها بشارت ملي: ”اي مُعين الدِّين! توهان اسان جي دين جا مُعِين (يعني مددگار) آهيو، توهان کي هندستان جي ولايت عطا ڪئي آهي هاڻي اجمير وڃو، توهان جي ذريعي بي ديني دور ٿيندي ۽ اسلام جي روشني ڦهلجندي.“ (سيرالاقطاب ص 124) اهڙي ريت سيدنا سلطان الهند، خواجه غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مدينةُ الهِند اجمير تشريف فرما ٿيا. سندن جي ڪاوش سان گهڻا ماڻهو اسلام قبول ڪرڻ لڳا. اتي جي ڪافر راجه پرٿوي راج کي ان باري ۾ ڳڻتي ٿيڻ لڳي. اهڙي ريت ان اتان جي سڀ کان خطرناڪ ۽ خوفناڪ جادوگر اَجَي پال جوڳي کي سرڪارِ خواجه غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مقابلي جي لاءِ تيار ڪيو. ”اَجَي پال جوڳي“ پنهنجي چيلن جي جماعت وٺي خواجه صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ ويو. مسلمانن جو اِضْطِراب ڏسي، حضور خواجه غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهن جي چوڌاري ليڪو پاتو ۽ حڪم فرمايو تہ ڪو مسلمان هن دائري کان ٻاهر نہ نڪري، هوڏانهن جادوگرن جادو جي زور سان پاڻي، باهہ ۽ پٿر وسائڻ شروع ڪيا پر اهي سمورا وار انهيءَ دائري جي ويجهو اچي ناڪاره ٿي پئي ويا. هاڻي انهن اهڙو جادو ڪيو جو جبلن مان هزارين نانگ اچي خواجه

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ مسلمانن ڏانهن وڌڻ لڳا، پر جيئن ئي اهي دائري جي ويجهو اچن پيا ته مري پيا وڃن. جڏهن چيلا ناڪام ٿي ويا ته خود انهن جو گُرو خوفناڪ جادوگر اجي پال جوڳي جادو جي ذريعي قسمين قسمين جا شعبده ڏيکارڻ لڳو پر دائري جي ويجهو ويندي ئي سڀ ڪجھ غائب ٿي پئي ويو. جڏهن اهو بيوس ٿي پيو ته اهو بگڙجي ويا ۽ سخت غصي جي حالت ۾ ان پنهنجو مِرگ ڇالا (يعني هرڻي جي وارن جو چمڙو) هوا ۾ اڇلائي، ٽپو ڏئي ان تي چڙهي وينو ۽ اڏامندو هڪدم بلند ٿي ويو. مسلمان گهبرائجي ويا ته هاڻي خبر ناهي جو مٿان ڪهڙي آفت ڪيرائيندو! منهنجا آقا غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان جي اها حرڪت ڏسي مسڪرائي رهيا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي نعلين مبارڪ کي اشارو ڪيو، حڪم ملندي ئي اها به تيزي سان اڏامندي جادوگر جو پيڇو ڪندي رواني ٿي، اک ڇنڀ ۾ مٿي پهچي وئي ۽ ان جي مٿي تي لاڳيتو وسندي رهي! هر ڌڪ لڳڻ سان هو هيٺ اچي رهيو هو، ايتري تائين جو عاجز ٿي ڪري لٿو ۽ سرڪارِ غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي قدمن تي ڪِري پيو ۽ سچي دل سان توبه تائب ٿي، مسلمان ٿي ويو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان جو اسلامي نالو عبدالله رکيو. (خزينة الاصفياء ج 1 ص 262) ۽ اهي خواجه صاحب جي پرتاثير فيض ڀري نگاهه سان ولايت جي اعليٰ مقام تي فائز ٿي، عبدالله بياباني جي نالي سان مشهور ٿيا. (آفتاب اجمير)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمين بِجاهِ النَّبِيِّ الاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

## ﴿2﴾ اُٺ ويٺا ئي رهيا

سيِّدنا خواجه غريب نواز رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جڏهن مدينة الهند، اجمير شريف تشريف فرما ٿيا اوّلاً هڪ پِپر وڻ جي هيٺان تشريف فرما ٿيا. اها جڳهه اتي جي ڪافر راجه پرٿوي راج چوهان جي اُٺن لاءِ مخصوص هئي. راجه جي چيلن اچي پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن کي وڏي رعب ۽ بي ادبي واري لهجي ۾ چوڻ لڳا ته اوهان هتان هليا ويا ڇوته اها جڳهه راجه جي اٺن جي ويهڻ جي جڳهه آهي. خواجه صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمايو: ”چڱو نيڪ آهي اسان هتان وڃون ٿا توهان جا اٺ ئي هتي ويهن.“ اهڙي ريت اتي اُٺ ويهاريا ويا.

صبح اوني آيا ۽ اُٺن کي اٿارڻ لڳا ليڪن هر طرح جي ڪوشش جي باوجود اُٺ نه اٿيا. اوني ڊڄندي ڏڪندي، حضرت خواجه صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن جي خدمت بابرڪت ۾ حاضر ٿي، پنهنجي گستاخي جي معافي گهرڻ لڳا. هند جي بي تاج بادشاه حضرت سيدنا غريب نواز رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن فرمايو: ”وڃو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان توهان جا اُٺ اتي بيٺا آهن.“ جڏهن اوني موٽيا ته واقعي سيئي اٺ اٿيا بيٺا هئا! (خواجهءِ خواجگان)

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

خواجه ہند وہ دربار ہے اعلیٰ تیرا
کبھی محروم نہیں مانگنے والا تیرا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعلي)

## ﴾3﴿ ڏول ۾ تلاءُ

حضور خواجه غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جا ڪي مريد هڪ ڀيري اجمير شريف جي مشهور تلاءُ اناساگر ۾ غسل ڪرڻ ويا. ڪافر ڏسي شور مچائڻ لڳا ته اهي مسلمان اسان جي تلاءُ کي ”ناپاڪ“ ڪري رهيا آهن. اهڙي ريت اهي حضرات واپس موٽي ويا ۽ وڃي سڄو واقعو خواجه صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ خادم کي حڪم ڏنو ته ڏول ڪٽي تلاءُ مان پاڻي ڀري اچي. خادم وڃي جيئن ئي ڏول پاڻي ۾ وڌو، سموري تلاءُ جو پاڻي ان ڏول ۾ اچي ويو! پاڻي نه ملڻ تي ماڻهو بيقرار ٿي ويا ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي خدمت بابرڪت ۾ فرياد ڪرڻ لڳا. اهڙي طرح پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه خادم کي حڪم ڏنو ته وڃو، وڃي ڏول جو پاڻي واپس تلاءُ ۾ وجهي اچو. خادم حڪم جي تعميل ڪئي ۽ اناساگر وري پاڻي سان ڀرجي ويو! (خواجهءِ خواجگان)

**اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ہے تری ذات عجب بحرِ حقیقت پیارے
کسی تیراک نے پایا نہ کَنارا تیرا

## ﴾4﴿ قبر جي عذاب مان ڇوٽڪارو

حضرت سيدنا خواجه غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي هڪ مريد جي جنازي ۾ تشريف فرما ٿيا، جنازي جي نماز پڙهائي پنهنجي مبارڪ هٿن سان قبر ۾ لاٿائون. حضرت سيدنا بختيار

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: تدفين کان پوءِ تقريبًا سيئي ماڻهو هليا ويا، پر حضور خواجه غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان جي قبر جي ويجهو تشريف فرما رهيا. اوچتو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه يڪدم غمگين ٿي ويا، ٿوري دير کان پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ چيائون ۽ مطمئن ٿي ويا. منهنجي پڇڻ تي فرمايائون: منهنجي ان مريد وٽ عذاب جا ملائڪ آيا هئا، جنهن جي ڪري مان پريشان ٿي ويس. ايتري ۾ منهنجا مرشد گرامي حضرت خواجه عثمان هاروني عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَنِی تشريف فرما ٿيا ۽ ملائڪن کي ان جي سفارش ڪندي فرمايو: اي ملائڪؤ! اهو ٻانهو منهنجي مريد معينُ الدّين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو مريد آهي، انهيءَ کي ڇڏي ڏيو. ملائڪ چوڻ لڳا: ”اهو ڏاڍو گنهگار هو.“ اڃا اها گفتگو ٿي رهي هئي ته غيب مان آواز آيو: ”اي ملائڪؤ! اسان عثمان هاروني جي صدقي معين الدّين چشتي جي مريد کي بخشي ڇڏيو.“ (معين الارواح)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان حڪايت مان درس مليو ته ڪنهن ڪامل پير جو مريد ٿيڻ گهرجي جو ان جي برڪت سان قبر جو عذاب دور ٿيڻ جي اميد آهي.

## ﴿5﴾ مجذوب جي اوبر

حضرت سيدنا خواجه غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جڏهن پندرهن سالن جا ٿيا ته سندن والد گرامي هن فاني دنيا مان انتقال فرمائي ويا. وراثت ۾ هڪ باغ ۽ هڪ پن چڪي مليء، ان کي پنهنجي لاءِ گذر سفر جو ذريعو بڻايو، خود ئي باغ جي نگهباني ڪندا هئا ۽

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

انهيءَ جي وڻن کي پاڻي ڏيندا هئا. هڪ ڏينهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه باغ جي ٻوٽن کي پاڻي ڏئي رهيا هئا ته ان دؤر جا مشهور مجذوب بزرگ حضرت سيِّدُنا ابراهيم قندوزي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه باغ ۾ تشريف فرما ٿيا، جيئن ئي اوهان جي نظر اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ان مقبول ٻانهي تي پئي، جلدي ۾ سمورو ڪم ڪار ڇڏي آيا ۽ سلام ڪري دست بوسي ڪئي ۽ انتهائي ادب سان هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهاريو، پوءِ انهن جي خدمت ۾ تازن انگورن جو هڪ ڳُڇو انتهائي عاجزي سان پيش ڪيو ۽ گوڏا پيچي ويهي رهيا. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ولي کي ان نوجوان مالهي جو انداز وڻي ويو، خوش ٿي پنهنجي بغل مان هڪ کلي جو ٽڪر ڪڍي، چٻاڙي خواجه صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي وات ۾ وڌائون. کلي جو ٽڪر جيئن ئي نڙي مبارڪ کان هيٺ لٿو، خواجه صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي دل جي ڪيفيّت يڪدم بدلجي وئي ۽ دل دنيا کان بيزار ٿي وئي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه باغ، پن چڪي ۽ سازو سامان وڪڻي، سمورا پئسا فقيرن ۽ مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيا ۽ ديني علم حاصل ڪرڻ جي خاطر راهِ خدا جا مسافر بڻجي ويا. (مرآة الاسرار ص 593، تاريخ فرشته ج 2 ص 740) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه تي بيشمار ڪرم نوازيون ڪيون ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جا پيشوا ۽ هندستان جا بي تاج بادشاه بڻجي ويا. **اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

خُفتگانِ شبِ غفلت کو جگا دیتا ہے
سالہا سال وہ راتوں کا نہ سونا تیرا

فرمانِ مصطفي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

## ﴿6﴾ غيب جي خبر

هڪ ڏينهن حضرت سيِّدُنا غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه حضرت سيِّدُنا شيخ اوحد الدّين ڪرماني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي ۽ حضرت سيِّدُنا شيخ شهاب الدّين سهروردي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی هڪ جاءِ تي تشريف فرما هئا ته هڪ ڇوڪرو (سلطان شمس الدّين التمش) تيرڪمان ڪٽي اتان گذريو. ان کي ڏسندي ئي حضور غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: ”اهو ڇوڪرو دهلي جو بادشاه ٿيندو.“ آخرڪار ائين ئي ٿيو، ڪجھ وقت ڪان پوءِ اهو دهلي جو بادشاه بڻجي ويو. (سير الاقطاب)

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي۔**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تمہارے منہ سے جو نکلی وہ بات ہو کے رہی
کہا جو دن کو کہ شب ہے تو رات ہو کے رہی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿي سگهي ٿو ته شيطان ڪنهن جي دل ۾ اهو وسوسو وجهي ته غيب جو علم اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي ئي آهي، خواجه صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪيئن غيب جي خبر ڏني؟ ته عرض اهو آهي ته ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ عالِمُ الغيب وَالشَّهادة آهي، ان جو علمِ غيب ذاتي آهي ۽ هميشه هميشه کان آهي جڏهن ته انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ اولياءِ عِظام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جو علمِ غيب عطائي به آهي ۽ هميشه هميشه کان به ناهي. انهن کي جڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٻڌايو تڏهن کان آهي ۽ جيترو ٻڌايو اوتروئي آهي، ان جي ٻڌائڻ کان سواءِ هڪ ذرو به ناهي. ٿي سگهي ٿو ڪنهن کي اهو وسوسو اچي ته

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ٻڌايو ته غيب، غيب ئي نه رهيو. ان جو جواب اڳتي اچي رهيو آهي ته قرآن پاڪ ۾ نبي جي علمِ غيب کي غيب ئي چيو ويو آهي. باقي رهي هي ڳالهه ته ڪيترو علمِ غيب مليو، اهو ڏيڻ ۽ وٺڻ وارو ئي ڄاڻي. علمِ غيب مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ 30هين سيپاري سورة التّڪوير، آيت نمبر 24 ۾ ارشاد آهي:

وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِيْنٍ ﴿۲۴﴾ ترجمو ڪنزالايمان: ۽ هيءُ نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) غيب ٻڌائڻ ۾ بخيل نه آهي.

انهيءَ آيت جي تحت تفسيرِ خازن ۾ آهي: ”مراد هي آهي ته مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ علمِ غيب ايندو آهي ته اوهان ان ۾ بخل نٿا ڪيو بلڪ توهان کي ٻڌائن ٿا.“ (تفسير خازن ج 4 ص 357)

انهيءَ آيت ۽ تفسير مان معلوم ٿيو ته الله عَزَّوَجَلَّ جا محبوب، داناءِ غيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي علمِ غيب ٻڌائيندا آهن ۽ ظاهر آهي ته ٻڌائيندو اهوئي جيڪو پاڻ به ڄاڻندو هجي.

## عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو علمِ غيب

حضرت سيِّدُنا عيسيٰ روح الله عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي علمِ غيب جي باري ۾ 3 سيپاري سورهءِ اٰل عمران آيت نمبر 49 ۾ ارشاد آهي:

وَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا تَاْكُلُوْنَ وَمَا تَدَّخِرُوْنَ فِيْ بُيُوْتِكُمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۴۹﴾ (پ 3 اٰل عمران: 49)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ توهان کي ٻڌائيندو آهيان جيڪي توهان کائيندا آهيو ۽ جو ڪجهه توهان پنهنجي گهرن ۾ گڏ ڪندا آهيو بيشڪ انهن ڳالهين ۾ اوهان جي واسطي وڏي نشاني آهي جيڪڏهن توهان ايمان رکو ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مٿين آيت ۾ حضرت سيِّدُنا عيسيٰ رُوح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام صاف صاف اعلان فرمائي رهيا آهن ته اوهان جيڪو ڪجھ کائيندا آهيو اهو مون کي معلوم ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو ڪجھ گھر ۾ بچائي رکندا آهيو ان جي خبر پئجي ويندي آهي. هاڻي اهو علم غيب ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟ جڏهن حضرت سيِّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو اهو شان آهي ته عيسيٰ جي آقا مني مني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ڇا شان هوندو؟ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کان آخر کهڙي شيء لڪل هوندي؟ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ته الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو غيبُ الغيب آهي، ان جو ٻه پنهنجي اکين مبارڪن سان ديدار ڪيو.

اور کوئی غیب کیا تم سے نِہاں ہو بھلا
جب نہ خدا ہی چُھپا تم پہ کروڑوں درود (حدائق بخشش)

بهرحال ربِّ ذوالجلال عَزَّوَجَلَّ انبياءِ ڪرام عَلَیْھِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي علمِ غيب سان نوازيو آهي. انبياءِ ڪرام عَلَیْھِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو ته وڏو شان آهي، فيضان انبياءِ ڪرام عَلَیْھِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کان اولياءِ عظام رَحِمَھُمُ اللّٰہُ السَّلَام ٻه غيب جون خبرون ٻڌائي سگھن ٿا. حضرت سيِّدُنا شيخ عبدالحقّ محدّث دِهلوي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی ”اخبارُ الاخيار“ صفحي نمبر 15 ۾ حضور غوث الاعظم عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْاَکْرَم جن جو اهو ارشاد نقل ڪيو آهي: ”جيڪڏهن شريعت منهنجي وات ۾ لغام نه ڏنو هجي ته مان توهان کي ٻڌايان ها ته توهان گھر ۾ ڇا کاڌو آهي ۽ ڇا رکيو آهي، مان توهان جي ظاهر و باطن کي ڄاڻان ٿو، ڇوته توهان منهنجي نظر

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

۾ آرپار نظر اچڻ واري شيشي وانگر آهيو.“

حضرت مولانا رومي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه مثنوي شريف ۾ فرمائن ٿا:

لَوحِ محفوظ اَست پيشِ اولياء

اَزچہ محفوظ اَست محفوظ اَز خطا

(يعني لوح محفوظ اولياء الله رَحِمَهُمُ الله تَعَالٰی جي پيش نظر هوندو آهي، جيڪو هر خطا کان محفوظ هوندو آهي)

## ﴿7﴾ مردو زنده ڪري ڇڏيو!

اجمير شريف جي حاڪم هڪ ٻيري ڪنهن شخص کي بي گناهہ سولي تي چاڙهي ڇڏيو. ان جي ماءُ کي چورايو ويو تہ پنهنجي پٽ جو لاش ڪٽي وڃي. پر اتي وڃڻ جي بدران ان جي ماءُ روئندي خواجهءِ خواجگان سرڪارِ غريب نواز سيدنا حسن سَنجري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جن جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ حاضر ٿي ۽ فرياد ڪرڻ لڳي: ”آهہ! مان بي سهارا ٿي ويس، منهنجو گهر اجڙي ويو، يا غريب نواز! منهنجو اڪيلو ئي پٽ هو، ان کي ظالم بادشاهہ بي گناهہ سولي تي چاڙهي ڇڏيو آهي.“ اهو ٻڌي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جلال ۾ فرمايائون: مون کي پنهنجي پٽ جي لاش وٽ وٺي هل. ان سان گڏ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه ان جي لاش وٽ آيا ۽ ان ڏانهن اشارو ڪري فرمايائون: ”اي مقتول! جيڪڏهن وقت جي بادشاهہ توکي بي گناهہ ڦاهي ڏني آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان اٿي بيهہ.“ يڪدم لاش ۾ ڇُرپُر ٿي ۽ اڪ ڇنپ ۾ اهو شخص زنده ٿي اٿي بيٺو. (ماہ اجمير) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ته تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

## ڇا انسان ڪنهن کي زنده ڪري سگهي ٿو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪٿي شيطان هي وسوسو نه وجهي جو مارڻ ۽ زنده ڪرڻ ته صرف الله عَزَّوَجَلَّ جو ئي ڪم آهي ڪو ٻانهو اهو ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ ته عرض آهي بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ ئي فاعلِ حقيقي آهي پر اهو پنهنجي قدرت ڪامله سان جنهن کي چاهيندو آهي اختيارات عطا فرمائيندو آهي. ڏسو! ٻي جان ۾ ساهه وجهڻ الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪم آهي پر الله عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل اختيارات سان حضرت سيِّدُنا عيسيٰ رُوح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام به ائين ڪندا هئا. جهڙي طرح 3 سيپاري، سورهءِ آل عمران جي آيت نمبر 49 ۾ آهي:

اَنِّیْۤ اَخْلُقُ لَكُمْ مِّنَ الطِّیْنِ كَهَیْــٴَـةِ الطَّیْرِ فَاَنْفُخُ فِیْهِ فَیَكُوْنُ طَیْرًۢا بِاِذْنِ اللّٰهِۚ (پ 3 آل عمران: 49)

ترجموڪنزالايمان: مان توهان جي واسطي مٽيءَ مان پکي جي شڪل ٺاهيندو آهيان پوءِ ان ۾ ڦوڪ هڻندو آهيان ته اهو فورًا پکي ٿي ويندو آهي الله جي حڪم سان.

## ﴿8﴾ انڌي کي اکيون ملي ويون

چون ٿا: هڪ ڀيري اورنگ زيب عالمگير عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَدِيْر سلطان الهند خواجه غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مزارِ پُرانوار تي حاضر ٿيا. احاطي ۾ هڪ نابين فقير ويٺي اها صدا لڳائي رهيو هو: يا خواجه غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه! اکيون ڏي. پاڻ ان فقير کان پڇيائون: بابا! اوهان کي اکيون گهرندي ڪيترو وقت ٿيو آهي؟ چوڻ لڳو ته ڪيئي سال گذري ويا آهن پر مراد پوري نٿي ٿئي. فرمايائون: مان مزار پاڪ ۾ حاضري ڏئي ٿوري دير ۾ موٽي اچان ٿو جيڪڏهن

تنهنجون اکيون روشن ٿي ويون تہ نيڪ، نہ تہ قتل ڪرائي ڇڏيندس. اهو چئي فقير تي پهرو لڳائي پاڻ حاضري ڏيڻ لاءِ اندر هليا ويا. هيڏانهن فقير زارو زار روئڻ شروع ڪري ويو، روئندي روئندي فرياد ڪري رهيو هو: يا خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه! پهريان صرف اکين جو مسئلو هو، هاڻي تہ قتل ڪيو ويندس، جيڪڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪرم نہ ڪيو تہ قتل ڪيو ويندس. جڏهن بادشاهہ حاضري ڏئي موٽيو تہ ان جون اکيون روشن ٿي چڪيون هيون. بادشاهہ مسڪرائي فرمايو: تون هينئر تائين بي دلي ۽ بي توجهي سان دعا گهري رهيو هئين ۽ هاڻي جڏهن ساهہ جي ڊپ ڪان تو دلي تڙپ وچان سوال ڪيو تہ تنهنجي مراد پوري ٿي وئي.

اب چشمِ شِفا سُوئے گنہگار ہو خواجہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه
عِصیاں کے مرض نے ہے بڑا زور دکھایا

## هاڻي تہ ڊاڪٽر بہ اکيون روشن ڪري رهيا آهن!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شايد ڪنهن جي ذهن ۾ اهو سوال پيدا ٿئي تہ گُهرڻ تہ الله عَزَّوَجَلَّ کان گهرجي، حالانڪ اهوئي ڏيندو آهي، اهو ڪيئن تو ٿي سگهي تہ خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان ڪو اکيون گهري ۽ اهي عطا بہ ڪن! جوابًا عرض آهي تہ حقيقت ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ئي ڏيڻ وارو آهي، مخلوق مان جيڪو بہ جو ڪجھ بہ ڏيندو آهي اهو الله عَزَّوَجَلَّ کان ئي وٺي ڏيندو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا کان سواءِ هڪ ذرو بہ نٿو ڏئي سگهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان سڀ ڪجھ ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن خواجہ صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان

اڪيون گهريون ۽ انهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان عنايت فرمايون تہ نيٺ اها اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي جيڪا سمجهہ ۾ نٿي اچي؟ اهو مسئلو اڄڪلهہ فنِ طبّ بہ حل ڪري ڇڏيو آهي! هر ڪو ڄاڻي ٿو تہ اڄڪلهہ ڊاڪٽر آپريشن جي ذريعي مُردي جون اکيون لڳائي انڌن کي سجو ڪري ڇڏين ٿا. بس اهڙي طرح خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه بہ هڪ انڌي کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل روحاني قوّت سان انڌائپ جي مرض مان شفا ڏئي، سجو ڪري ڇڏيو. بهرحال جيڪڏهن ڪو اهو عقيدو رکي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪنهن نبي يا ولي کي مرض مان شفا ڏيڻ يا ڪجهہ عطا ڪرڻ جو اختيار ڏنو ئي ناهي تہ اهڙو شخص قرآن جي حڪم کي ڪوڙو سمجهي رهيو آهي. جيئن تہ 3 سيپاري سورهءِ آل عمران آيت نمبر 49 ۾ حضرت سيِّدُنا عيسيٰ روح اللّٰه عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو قول نقل ڪيو ويو آهي:

وَاُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَالْاَبْرَصَ وَاُحْیِ الْمَوْتٰی بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ

(پ 3 آل عمران: 49)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ مان شفا ڏيندو آهيان مادرزاد انڌي کي ۽ ڪوڙهہ واري کي ۽ مان مُئل جياريندو آهيان اللّٰه جي حڪم سان.

ڏٺو اوهان! حضرت سيِّدُنا عيسيٰ روح اللّٰه عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام صاف صاف اعلان فرمائي رهيا آهن تہ مان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل قدرت سان مادرزاد انڌن کي سجو ۽ ڪوڙهہ ۾ مبتلا ماڻهن کي شفا ڏيندو آهيان ايتري قدر جو مُردن کي بہ زندهہ ڪري ڇڏيندو آهيان.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي قسمين قسمين جا اختيارات عطا ڪيا ويا آهن ۽ فيضان انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مان اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام کي بہ اختيارات ڏنا ويندا آهن، تنهن ڪري اهي بہ شفا ڏئي سگهن ٿا ۽ گهڻو ڪجھ عطا فرمائي سگهن ٿا.

محی دیں غوث ہیں اور خواجہ مُعینُ الدین ہیں
اے حسؔن کیوں نہ ہو محفوظ عقیدہ تیرا

## ﴾9﴿ قتل جي ارادي سان آيوءِ مسلمان ٿي ويو

هڪ ڀيري هڪ ڪافر بغل ۾ خنجر لڪائي خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن کي قتل ڪرڻ جي ارادي سان آيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي ڏسي مومنانہ فراست سان ان جو ارادو معلوم ڪري ورتائون. جڏهن اهو ويجهو آيو تہ ان کي فرمايائون: ”توهان جنهن ارادي سان آيا آهيو اهو پورو ڪريو، مان اوهان جي سامهون موجود آهيان.“ اهو ٻڌي ان شخص جو جسم ڏڪڻ لڳو، خنجر ڪڍي اڇلائي ڇڏيائين، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي قدمن تي ڪِري پيو ۽ سچي دل سان توبھ ڪيائين ۽ مسلمان ٿي ويو. (مرآة الاسرار مترجم 598)

## داتا گنج بخش جي مزار پُرانوار تي آمد

مرڪز الاولياء لاهور ۾ حضرت علي بن عثمان هجويري المعروف داتا گنج بخش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مزار پرانوار تي قيام فرمائي روحاني فيض سان مالامال ٿيا ۽ رخصت وقت هي شعر پڙهيائون:

گنج بخش فیضِ عالم مظہرِ نورِ خدا
ناقِصاں را پیرِ کامل کاملاں را رہنما

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

## وصال شريف

6 رجب المرجب 633 سن هجري جو هن فاني دنيا مان رخصت فرمايائون. (اخبار الاخيار ص 23)

## پيشاني تي نقشِ مبارڪ

وصال کانپوءِ سندن نوراني پيشاني تي اهو نقش ظاهر ٿيو:

حَبِيْبُ اللهِ مَاتَ فِيْ حُبِّ الله

(يعني الله عَزَّوَجَلَّ جو حبيب الله عَزَّوَجَلَّ جي محبت ۾ دنيا مان ويو)

(اخبار الاخيار ص 23)

## خواجه صاحب جا ٽي ارشاد

﴿1﴾ نيڪن جي صحبت نيڪ ڪمن کان بهتر ۽ بُرن ماڻهن جي صحبت برائي ڪرڻ کان بڇڙي آهي ﴿2﴾ بدبختي جي علامت اها آهي ته گناهه ڪندو رهي پوءِ ان جي باوجود الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ پاڻ کي مقبول سمجهي ﴿3﴾ خدا جو دوست اهو آهي جنهن ۾ ٽي خوبيون هجن: هڪ سخاوت درياهه جهڙي ٻي شفقت سج وانگر ٽين تواضع (عاجزي) زمين جي مثل. (اخبار الاخيار ص 23، 24)

## فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| درودِ پاڪ جي فضيلت | 1 | ﴿7﴾ مردو زنده ڪري ڇڏيو | 11 |
| ﴿1﴾ خوفناڪ جادوگر | 2 | انسان ڪنهن کي زنده ڪري سگهي ٿو؟ | 12 |
| ﴿2﴾ آٽ وڃائي رهيا | 4 | ﴿8﴾ انڌي کي اکيون مليون ويون | 12 |
| ﴿3﴾ ڍول ۾ تالا | 5 | ڊاڪٽر به اکيون روشن ڪري رهيا آهن! | 13 |
| ﴿4﴾ قبر جي عذاب مان ڇوٽڪارو | 5 | ﴿9﴾ قتل جي ارادي سان آيو ۽ مسلمان ٿي ويو | 15 |
| ﴿5﴾ مجذوب جي اوبر | 6 | داتا گنج بخش جي مزار پُرانوار تي آمد | 15 |
| ﴿6﴾ غيب جي خبر | 8 | وصال شريف | 16 |
| عيسي جو علمِ غيب | 9 | خواجه صاحب جا ٽي ارشاد | 16 |

# اجمیر بلایا مجھے اجمیر بلایا

اجمیر بلایا، مجھے اجمیر بلایا
اجمیر بلا کر مجھے مہمان بنایا
ہو شکر ادا کیسے کہ مجھ پاپی کو خواجہ
اجمیر بلا کر مجھے دربار دکھایا
سلطانِ مدینہ کی محبت کا بھکاری
بن کر میں شہا آپ کے دربار میں آیا
دنیا کی حکومت دو نہ دولت دو نہ ثروت
ہر چیز ملی جامِ محبّت جو پلایا
قدموں سے لگالو، مجھے سینے سے لگالو
خواجہ ہے زمانے نے بڑا مجھ کو ستایا
ڈوبا، ابھی ڈوبا، مجھے للہ سنبھالو
سیلاب گناہوں کا بڑے زور سے آیا
اب چشمِ شفا، بہرِ خدا سُوئے مریضاں
عصیاں کے مرض نے ہے بڑا زور دکھایا
سرکارِ مدینہ کا بنا دیجئے عاشق
یہ عرض لئے شاہ کراچی سے میں آیا
یا خواجہ کرم کیجئے ہوں ظلمتیں کافور
باطل نے بڑے زور سے سر اپنا اٹھایا
عطار کرم ہی سے ترے جم کے کھڑا ہے
دشمن نے گرانے کو بڑا زور لگایا

